# قرآني بيان

# جنّت ۽ جهنّم وارن جو مڪالمو

(سيپارو: 29، سوره مدثر: 40,47)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه) ۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

20 مارچ، 2026ء (متوقع اسلامي تاريخ: 30 رمضان ڪريم، 1447ھ)
جمعة المبارڪ جو



مدني مراڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ
20 مارچ، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ: 30 رمضان ڪريم، 1447ھ) جمعة المبارڪ
جو

قرآني بيان

بنام

# جنّت ۽ جهنّم وارن جو مڪالمو (سيپارو:29، سوره مدثر: 40_47)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

✿... الوداع الوداع ماهِ رمضان...!!

✿... بي نمازي جي نحوست

✿... جهنّمين جا 4 ڏوهَ

✿... ليلةُ القدر جا فضائل

پیشکش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْم بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا حَبِیْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَیْكَ یَا نَبِیَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ یَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَیْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِکَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: مَنْ صَلّٰی عَلَیَّ صَلَاةً وَاحِدَةً صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ عَشْرًا، وَمَنْ صَلّٰی عَلَیَّ عَشْرًا صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ مِائَةً، وَمَنْ صَلّٰی عَلَیَّ مِائَةً کَتَبَ اللهُ بَیْنَ عَیْنَیْهِ بَرَاءَةً مِنَ النِّفَاقِ، وَبَرَاءَةً مِنَ النَّارِ، وَاَسْکَنَهُ اللهُ یَوْمَ الْقِیَامَةِ مَعَ الشُّهَدَاءِ۔

**فرمانِ آخري نبي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن 10 ڀيرا درود پڙهيو، الله پاڪ ان تي 100 رحمتون نازل فرمائيندو آهي ۽ جنهن 100 ڀيرا درود شريف پڙهيو، الله پاڪ ان جي ٻنهي اکين جي وچ ۾ لکي ڇڏيندو آهي تہ هي ٻانهو نفاق ۽ جهنم جي باھ کان آزاد آهي ۽ ان کي قيامت جي ڏينهن شهيدن سان گڏ رکندو.[1]

بچاوے تم کو جو دوزخ سے ایسے مُحسن پر

[1]...معجم اوسط، من اسمہ محمد، جلد:5، صفحہ:252، حديث:7235۔

سدا اسلام کہو! عمر بھر درود پڑھو!
عبث گناہوں کی شامت میں مارے پھرتے ہو
خدا کی تم پہ ہو رحمت اگر درود پڑھو (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْكَرِیْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

فِیْ جَنّٰتٍ ۛ یَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَنِ الْمُجْرِمِیْنَ ﴿۴۱﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِیْ سَقَرَ ﴿۴۲﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ
الْمُصَلِّیْنَ ﴿۴۳﴾ وَ لَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِیْنَ ﴿۴۴﴾ وَ كُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآىٕضِیْنَ ﴿۴۵﴾ وَ كُنَّا نُكَذِّبُ
بِیَوْمِ الدِّیْنِ ﴿۴۶﴾ حَتّٰۤى اَتٰىنَا الْیَقِیْنُ ﴿۴۷﴾ (سيپارو: 29، سوره مدثر: 40 کان 47)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صلّی اللّٰه عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم

**ترجمو ڪنزالعرفان:** باغن ۾ هوندا، اهي پڇي رهيا هوندا مُجرمن کان ڪهڙي شيءِ توهان کي دوزخ ۾ وٺي وئي؟ اهي چوندا: اسان نمازين مان نہ هئاسين ۽ مسڪين کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسين ۽ بيهودا فڪر وارن سان گڏ بيهودا ڳالهيون سوچيندا هئاسين ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسين ايستائين جو اسان کي موت آيو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]... نورِايمان، صفحہ:57۔

## اَلْوِداع اَلْوِداع ماهِ رمضان....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رمضان جون آخري گهڙيون آهن، هاءِ! رمضان آيو ۽ هليو به ويو....!! ئي ڪجهه ڏينهن ڀهريان جي ڳالهه آهي، عاشقانِ رمضان انتظار ۾ هئا ته رمضان ڪريم اچڻ وارو آهي. رمضان ڪريم جون تياريون ڪيون پئي ويون پر اهي برڪت وارا ڏينهن تيزي سان گذرندا ويا. هاءِ! افسوس صد افسوس! بس ماهِ رمضان اسان کان رخصت ٿيڻ وارو آهي.

آہ! رمضان اب جا رہا ہے ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
جلد رخصت کا وقت آگیا ہے ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
اشک آنکھوں سے اب بِہ رہے ہیں ہجر کا غم جو ہم سہ رہے ہیں
وہ دِلِ غمزدہ جانتا ہے ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے
کر کے تقسیم بخشش کی اَسناد آہ! رنجیدہ دِل کرکے تُو شاد
سب کو روتا ہوا چھوڑتا ہے ہائے تڑپا کے رمضاں چلا ہے(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اجا ڪجهه گهڙيون باقي آهن، هي مبارڪ گهڙيون جلد ئي ختم ٿي وينديون، انهن مبارڪ گهڙين کي غنيمت ڄاڻندي◈خوب توبه ۽ استغفار ڪري وٺون◈جيترو ٿي سگهي نيڪيون ڪريون◈پنهنجي وقت کي ذڪرِ الٰهي ۾ گذاريون◈درودِ پاڪ سان پنهنجون دليون روشن

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:683 ملتقطًا۔

ڪريون ڇو تہ زندگي ۾ ٻيهر رمضان جو مهينو نصيب ٿيندو يا نہ، ان جي اسان وٽ ڪابہ گارنٽي ناهي.

الٰہی! رہ گئے رمضاں کے آخری روزے

رہائی نارِ جہنّم سے ہو عطا یا ربّ!

اِلٰہی! رِہ گئیں رمضاں کی آخری گھڑیاں

کرم سے بخش بھی دے ہم کو یا خدا! یا ربّ! (1)

اللہ پاڪ اسان کي انهن مبارڪ گهڙين کي غنيمت سمجهڻ ۽ انهن ۾ خوب نيڪيون ڪري بخشش جو سامان ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان شروع ۾ سيپارو 29، سورت مُدَّثِّر جي آيت 40 کان 47 يعني 8 آيتون ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي، انهن آيتن ۾ قيامت جو هڪ منظر بيان ڪيو ويو آهي، هي اَهْلِ جنّت ۽ اَهْلِ جهنم جي وچ ۾ ٿيڻ وارو هڪ مُڪالمو آهي، پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ آهي، اها ڳالهہ ٻولهہ ڪڏهن ٿيندي؟ اَهْلِ جنّت ڇا پڇندا؟ جهنّمي ڇا جواب ڏيندا؟ اچو! قرآني آيتون ۽ انهن جي وضاحت ٻڌون ٿا، اللہ پاڪ فرمائي ٿو:

---

1 ... وسائلِ فردوس، صفحہ:28۔

فِيْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۴۱﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: باغن ۾ هوندا اهي پڇي رهيا هوندا مُجرمن کان (سيپارو: 29، المدثر: 40_ 41)

يعني اَهْلِ جنّت جنت ۾ رهندي، جهنمين کان سوال پڇندا. حضرت عبدالله ابن مسعود رَضِيَ اللّٰهُ عنه فرمائن ٿا: قيامت جي ڏينهن اسان جا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻيا انبياءِ ڪرام عليهمُ السَّلام، حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام ۽ ٻيا ملائڪَ، انهن کان پوءِ صديقين ۽ شهداء، اهي سڀ گنهگار مسلمانن جي شفاعت ڪندا، ايستائين جو سڀ اَهْلِ جنّت (يعني گنهگار مسلمان جَن کي آخرڪار جنت ۾ ئي اچڻو هو) جنت ۾ ۽ سڀ جهنمي (يعني ڪافر جن کي هميشہ جهنم ۾ ئي رهڻو آهي)، اهي جهنم ۾ رهجي ويندا، هاڻي اَهْلِ جنّت جنت ۾ رهندي جهنمين کان پڇندا:[1]

مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿۴۲﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ڪهڙي شيءِ توهان کي دوزخ ۾ وني وئي؟ (سيپارو: 29، المدثر: 42)

اَهْلِ جنّت جي ان سوال جي جواب ۾ جهنم ۾ موجود ڪافر جهنم ۾ ئي رهندي جواب ۾ پنهنجا 4 ڏوهہ ڳڻائيندا:

فِيْ جَنّٰتٍ ۛ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۴۱﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿۴۲﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿۴۳﴾ وَ لَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَ كُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ﴿۴۵﴾

[1]...تفسير قرطبى، پاره:1، سورۂ مدثر، زير آيت:42، جلد:10، صفحہ:57۔

وَ كُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾ حَتّٰٓى اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿٤٧﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اهي چوندا: اسان نمازين مان نہ هئاسين ۽ مسڪين کي کاڌو نہ کارائيندا هئاسين ۽ بيهودا فڪر وارن سان گڏ بيهودا ڳالهيون سوچيندا هئاسين ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسين ايستائين جو اسان کي موت آيو. (سيپارو: 29، المدثر: 40 کان 47)

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي 4 ڏوهہ (جرم) آهن، جيڪي جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارا آهن، اسان کي گهرجي تہ انهن 4 برن ڏوهن کان پاڻ کي بچايون، ماهِ رمضان جون آخري گهڙيون آهن، تنهنڪري انهن بابرڪت ڏينهن جون برڪتون لٽينديي، اڄ اسان کي اها پڪي سچي نيت ڪرڻ گهرجي تہ اسان جهنم ۾ وڃي وڃڻ وارن انهن 4 ڏوهن کان سچي زندگي بچندا رهنداسين. ڪهڙا ڪهڙا جرم آهن؟

## (1): جهنمين جو پهريون ڏوهہ: نماز نہ پڙهڻ

جهنّمي پنهنجو پهريون ڏوهہ ٻڌائيندي چوندا:

قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿٤٣﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: اهي چوندا: اسان نمازين مان نہ هئاسين. (سيپارو: 29، المدثر: 43)

ان مان معلوم ٿيو نماز نہ پڙهڻ اهو جهنم ۾ وڃي وڃڻ جو سبب آهي. ياد رکو! هڪ آهي نماز جي فرض هجڻ جو انڪار ڪرڻ، جيڪڏهن ڪو شخص مَعَاذَ الله! نماز جي فرضيت جو ئي انڪار ڪري ڇڏي، اهو تہ ڪافر ٿي دائرهءِ اسلام مان ئي نڪري ويندو ۽ الله نہ ڪري انهيءَ حال ۾ مري

ويو تہ پڪو جهنّمي هوندو ۽ هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم ۾ رهندو. پر اهو شخص جيڪو نماز کي فرض تہ مڃي ٿو پر پڙهي نٿو، ان کي بہ عبرت حاصل ڪرڻ گهرجي ڇو تہ جهنمي اهو نہ چوندا تہ اسان نماز کي فرض نہ مڃيندا هئاسين بلڪ اهي چوندا اسان نماز نہ پڙهندا هئاسين، معلوم ٿيو نماز پڙهڻ اها مسلمان هئڻ جي نشاني آهي ۽ نماز نہ پڙهڻ اهو ڪافرن جو طريقو آهي. افسوس آهي انهن نادان مسلمانن تي جيڪي نماز کي فرض تہ مڃيندا آهن، ان جي باوجود نماز ۾ سستي ڪندا آهن ◈ حديثِ پاڪ ۾ آهي: اسان جي آقا ۽ مولا، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اسان جي ۽ ڪافرن جي وچ ۾ فرق نماز آهي.[1] ◈ هڪ حديث شريف ۾ فرمايو: جنهن ڄاڻي واڻي نماز کي ترڪ ڪيو، بيشڪ الله پاڪ جو ذمو ان کان بري آهي.[2]

يعني نماز جي برڪت سان انسان ◈ دنيا ۾ آفتن کان ◈ مرڻ وقت خاتمي جي خرابي کان ◈ قبر جي امتحان ۾ ناڪام ٿيڻ کان ◈ حشر ۾ مصيبتن کان امن ۾ رهندو آهي، تنهنڪري جيڪو ڄاڻي واڻي نماز ترڪ ڪندو آهي، اهو الله پاڪ جي امان ۾ ناهي رهندو.

## بي نمازي جي نحوست

اي عاشقانِ رسول! نماز نہ پڙهڻ ڪيتري نحوست وارو عمل آهي، ان جو اندازو هن حڪايت مان لڳايو! هڪ ڀيري الله پاڪ جي پياري نبي حضرت عيسيٰ عَلَیۡہِ السَّلَام جو هڪ جبل تان گذر ٿيو، پاڻ ڏٺائون اتي هڪ شهر آهي، الله پاڪ ان شهر کي بيشمار نعمتن سان نوازيو آهي، اتي باغ آهن، ميوا، گل آهن، اتي جي رهواسين وٽ مال مويشي بہ آهن ۽ سڀ الله پاڪ

[1]...ترمذی، کتاب الایمان، ماجاء فی ترک الصلاۃ، صفحہ:618، حديث:2621۔
[2]...مصنف عبد الرزاق، باب من ترک الصلاۃ، جلد:3، صفحہ:41، حديث:5022۔

جي اطاعت ۽ عبادت ڪندي خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن، انهن شهر وارن جڏهن الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام ڪي ڏٺو تہ پاڻ عَلَيْهِ السَّلام جي نهايت تعظيم ڪئي ۽ تمام گهڻي احترام سان پيش آيا.

3 سالن ڪان پوءِ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جو ٻيهر ان جڳهہ تان گذر ٿيو تہ پاڻ هي ڏسي حيران رهجي ويا تہ ان شهر جا باغ ۽ مڪان اجڙي ويا آهن، نهرون ۽ چشما خشڪ ٿي چڪا آهن، هاڻي نہ اتي گل ۽ ميوا آهن، نہ جانور، نہ ڪو ماڻهو اتي رهي ٿو. اهڙي خوشحال شهر جو اهڙو بُرو حال ڏسي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو: الٰهي! ◈ هن شهر جا ماڻهو ڪهڙي مصيبت ۾ گرفتار ٿيا؟◈انهن جي وڻن، چشمن ۽ عمارتن جي بربادي جو ڇا سبب بڻيو؟◈انهن ڪي بُري نظر لڳي؟◈يا ڪنهن انهن تي جادو ڪري ڇڏيو؟◈ڪنهن دشمن انهن ڪي شڪست ڏني◈يا تنهنجي اطاعت ۽ فرمانبرداري ڇڏڻ جي انهن ڪي سزا ملي آهي؟ حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي ان عرض تي حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلام خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ عرض ڪيائون: اي الله پاڪ جا نبي عَلَيْهِ السَّلام! ◈ هن شهر ڪي نہ تہ نظر لڳي◈ نہ ئي انهن الله پاڪ جي اطاعت ترڪ ڪئي◈نہ انهن تي جادو ڪيو ويو. انهن جي بربادي جو اصل سبب اهو ٿيو جو هڪ ڏينهن هن شهر مان هڪ بي نمازي جو گذر ٿيو، ان انهن جي چشمي ۾ منهن ڌوئي ورتو، ان بي نمازي جي چهري تان لڳندڙ پاڻي جي اها نحوست ٿي جو انهن جا چشما سُڪي ويا، انهن جا باغ ويران ٿي ويا ۽ هي شهر اجڙي ويو. پوءِ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام عرض ڪيو: اي عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام! توهان بي نمازي جي دنياوي

نحوست تہ ملاحظ فرمائي ورتي، قيامت جي ڏينهن جهنم ڪي نماز نہ پڙهڻ وارن سان ئي پريو ويندو.[1]

| | |
|---|---|
| ہو گی دُنیا خراب، آخرت بھی خراب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| بے نمازی جہنّم کا حق دار ہے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہر گز عذاب | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا | بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نماز |
| یاخُدا! تجھ سے عطار کی ہے دُعا | مصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نماز |

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2): جهنمين جو ٻيو ڏوهہ: مسڪينن ڪي ماني نہ ڪارائڻ

جهنّمي، جنتين جي سوال تي پنهنجو ٻيو ڏوهہ بيان ڪندي چوندا:

وَلَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿٤٤﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ مسڪين ڪي کاڌو نہ کارائيندا هئاسين. (سيپارو: 29، المدثر: 44)

الله اڪبر! معلوم ٿيو مسڪينن، غريبن جي سار سنڀال نہ ڪرڻ، انهن تي صدقو ۽ خيرات نہ ڪرڻ بہ ڪافرن جو طريقو آهي. هاءِ! افسوس! هاڻي مسلمانن وٽ بہ غريبن مسڪينن جي خبر گيري ڪرڻ وارا تمام گهٽ ماڻهو

[1]...انيس الجليس (مترجم)، صفحہ:7۔

آهن.

اي عاشقانِ رسول! اسان پنهنجي معاشري مان غربت جو خاتمو نہ بہ ڪري سگهون تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان پنهنجي ڪجھ پيسن جي ذريعي غريبن جي بک ۾ ڪجھ تہ گهٽتائي ڪري ئي سگهون ٿا. افسوس! غريبن مسڪينن جي مدد نہ ڪرڻ هي ڪافرن جو شعار هو پر هاڻي ڪيئي اهڙا ڪافر آهن جيڪي ويلفيئر سوسائٽي هلائن ٿا پر ياد رکو! ڪافرن جا اهي عمل دنيا تائين آهن، انهن کي انهن جي اهڙن عملن جو بدلو دنيا ۾ ئي ڏنو ويندو، آخرت ۾ انهن جو ڪو حصو ناهي پر مسلمان جي لاءِ تہ اَلحَمْدُلله! دنيا ۾ بہ اَجر آهي ۽ آخرت ۾ بہ جنت جون اعليٰ نعمتون آهن، بيشڪ صدقو ۽ خيرات ڪرڻ وارا ڪندا بہ آهن، غريبن جي مدد بہ ڪندا آهن پر هي ڪم صرف ڪجھ ماڻهن جو ناهي بلڪ سڀني مسلمانن جو آهي، هر مسلمان کي گهرجي تہ ڪجھ نہ ڪجھ صدقو ۽ خيرات لازمي ڪندو ڪري، جيڪو غريب آهي ان کي بہ گهرجي تہ صدقي ۽ خيرات جو ذهن بڻائي.

اَلحَمْدُلله! اسان جو دينِ اسلام تہ اسان کي ايثار، قرباني، همدردي جو درس ڏئي ٿو. اسان جي پياري آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو بہ مسلمان ڪنهن شيءِ جي خواهش رکندو هجي، پوءِ پنهنجي خواهش ترڪ ڪري ٻئي کي پاڻ تي ترجيح ڏئي تہ ان جي بخشش ڪئي ويندي.[1]

سُبْحٰنَ الله! جيڪڏهن اسان جنت ماڻڻ جي لاءِ، بارگاهِ الٰهي مان مغفرت جي خيرات حاصل ڪرڻ جي لاءِ پنهنجون خواهشون گهٽ ڪري ونون، چند گرھ

[1]...الكامل لابن عدى، رقم:1294، عمرو بن خالد، ابو خالد، جلد:6، صفحہ:74۔

گهٽ ڪائي ونون ۽ پنهنجي آمدني مان ڪجهہ پيسا بچائي غريبن ۽ مسڪينن تي خرچ ڪندا ڪريون تہ اندازو لڳايو! الله پاڪ اسان ڪان ڪيترو راضي ٿيندو ۽ ان ايثار جي برڪت سان آخرت ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون عظيم نعمتون اسان کي نصيب ٿينديون. الله پاڪ اسان سيني کي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (3): جهنمين جو ٽيون ڏوهہ: بيهوده فڪر ڪرڻ

جهنّمين جنتين جي سوال تي پنهنجو ٽيون ڏوهہ بيان ڪندي چوندا:

وَكُنَّا نَخُوۡضُ مَعَ الۡخَآٮِٕضِيۡنَ ﴿۴۵﴾

ترجموڪنزُ العرفان: ۽ بيهودا فڪر وارن سان گڏ بيهودا ڳالهيون سوچيندا هئاسين. (سيپارو: 29، المدثر: 45)

حضرت قتاده رَضِیَ اللہُ عنہ هن آيت جي معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا تہ جهنمي چوندا: كُلَّمَا غَوٰى غَاوٍ غَوَيْنَا مَعَهُ يعني جڏهن ڪو شخص گمراهي جي رستي تي هلندو هو اسان ان سان گڏ تي ويندا هئاسين.[1]

معلوم ٿيو! ◈ گمراهن جي پنيان هلڻ ◈گمراهي وارن ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ ۽ ◈ نيڪين ڪان ◈سنن ڪمن ڪان منهن ڦيرڻ اهو بہ ڪافرن جو طريقو ۽ جهنم ۾ وني وجڻ وارو ڪم آهي. افسوس! هن معاملي ۾ بہ هاڻي

[1]...تفسير قرطبی، پاره:29، سورۀ مدثر، زير آيت:45، جلد:10، صفحه:57۔

مسلمانن جو حال عجيب آهي. جهڙي طرح ڪو وقت برباد ڪرڻ جو ذريعو، جنت کان دور ۽ جهنم جي ويجهو ڪرڻ واري، راهِ حق تان هٽائڻ واري ڪا شيءِ Launch (متعارف) ٿيندي آهي تہ معذرت سان! مسلمانن جو هڪ تعداد آهي جيڪو ان کي اپنائڻ ۾ اڳيرو هوندو آهي◈ جڏهن T.V Launch (متعارف) ٿي◈ فلمون ڊراما ۽ گانا باجا عام ٿيا تہ عالمن سڳورن جي منع ڪرڻ جي باوجود ڏسندي ئي ڏسندي هڪ وائرس وانگر اها بيماري اسان جي معاشري ۾ پکڙجي نہ وئي هئي؟◈چا گهر گهر ۾ V.C.R رکڻ وارا، مسلمان ئي نہ هئا؟◈چا ڪيبل جي ذريعي غير مسلمن جا چينل پنهنجي گهرن ۾ هلائي بي حيائي پکيڙجڻ جو سبب بڻجڻ وارا مسلمان ئي نہ هئا؟◈خلافِ سُنّت لباس اپنائڻ ۾ مسلمان اڳيرا رهيا◈ڏاڙهيون ڪوڙائي سُنّتِ رسول کي معاذ الله! ڪٽر ۾ وهائڻ ۾ مسلمان اڳيرا رهيا◈اگهاڙي مٿي گهمڻ جو رواج مسلمانن اپنايو◈بي پردگي، بي حيائي کي اسان پنهنجي معاشري جو حصو بڻائي ڇڏيو ۽ ◈ هاڻي رهي سهي ڪسر سوشل ميڊيا ڪڍي ڇڏي ◈اينڊرائڊ موبائل (Android Mobile) اچي اجا بہ معاشري جو ٻيڙو ٻوڙي ڇڏيو◈چا اهي سڀ گمراهيون، بي حيائيون، دين ۽ جنت کان دور ڪرڻ وارا ذريعا مسلمانن ناهن اپنايا. پوءِ ان سان گڏوگڏ ان تي بہ غور ڪريو! ◈ سُنّت مطابق ڏاڙهي رکڻ وارن تي ٺوڪون ڪرڻ وارا ڪير آهن؟◈عُلَماءِ ڪرام جو مذاق بڻائي جهنم جا حقدار بڻجڻ وارا ڪير آهن؟◈مبلغن کي ٽيڙين نظرن سان ڏسڻ وارا◈ڪوڙ ڳالهائي تجارت ڪرڻ وارا◈ڪوڙن جي حمايت ڪرڻ وارا◈بي دينن جي لاءِ رستا هموار ڪرڻ وارا اهي سڀ ڪير آهن؟ ◈ چا مسلمان اج اهو سڀ ڪجهہ ناهن ڪري رهيا؟ جيڪڏهن ڪري رهيا آهن تہ پوءِ دل جي ڪنن سان، عبرت جي لاءِ اَهْلِ جهنّم جو اهو جواب قرآنِ

ڪريم جي زباني ٻڌو ۽ غور ڪريو ته اهو ڪنهن جو ڪم آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

وَكُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٤٦﴾

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسين. (سيپارو: 29، المدثر: 46)

نہ سمجھوگے تو مٹ جاؤگے اے مسلمانو!

تمہاری داستاں تک نہ رہے گی، داستانوں میں

ياد رکو! ◈ اسان جي هدايت قرآنِ ڪريم ۾ آهي ◈اسان جي هدايت مبارڪ حديثن ۾ آهي ◈اسان جي لاءِ آئيڊيل ڪردار اسان جي آقا ۽ مولا، مُحَمَّدِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جو آهي ◈اسان صحابهءِ ڪرام عليهم الرّضوان جي نقشِ سيرت تي هلڻ وارا آهيون ◈ اسان اولياءِ ڪرام رحمةُ اللهِ عليهم کان فيض وٺڻ وارا آهيون. اسان کي ڪنهن به شيءِ کي اپنائڻ کان پهرين اهو سوچڻو آهي ته ڇا اها شيءِ اسان جي دين کي نقصان ته نه پهچائيندي، ڇا هيءَ شيءِ، هي عادت، هي روايت، هي رسم ۽ رواج مون کي گمراهي جي طرف ته نه وٺي ويندو، جيڪڏهن اسان اهو نه ڪيو بلڪ هر چمڪندڙ شيءِ (يعني ڪافرن جي طور طريقن کي) بغير سوچي سمجهي اپنائيندا وياسين ته ياد رکو! گمراهن جي رستي جي پيروي ڪرڻ مسلمانن جو نه بلڪ ڪافرن جو طريقو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي هميشه گمراهين کان بچڻ جي توفيق عطا فرمائي، اسان سڀني کي سچو، پڪو ۽ حقيقي مسلمان بنجڻ جي توفيق عطا فرمائي. اچو گڏجي دعا ڪريون ٿا.

مُعَاف فضل و کرم سے ہو ہر خطا یارَبّ | ہو مغفرت پئے سلطانِ انبیاء یارَبّ!
نبی کا صدقہ سدا کے لیے تو راضی ہو | کبھی بھی ہونا نہ ناراض یاخُدا! یارَبّ!
ہمارے دِل سے نکل جائے اُلفتِ دُنیا | دے دِل میں عشق محمد مرے رچا یارَبّ![1]

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): جهنمين جو چوٿون ڏوهه: قيامت جو انڪار

قيامت جي ڏينهن جڏهن جنتي جهنمين ڪان پڇندا تہ توهان ڪهڙي سبب جهنم ۾ پهتا تہ ان جي جواب ۾ اَهْلِ جهنّم پنهنجو چوٿون ڏوهه بيان ڪندي چوندا:

وَ كُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۴۶﴾ حَتّٰۤى اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿۴۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا هئاسين ايستائين جو اسان کي موت آيو. (سيپارو: المدثر: 46_ 47)

ان مان معلوم ٿيو تہ ڪفر ۽ عناد ۽ بدعملي جو وڏو سبب قيامت جو انڪار يا ان کي وسارڻ آهي. اسان اَلحمدُلله! مسلمان آهيون ۽ اسان قيامت تي يقين بہ رکندا آهيون، جيڪو معاذ الله! قيامت جو انڪار ڪري ڇڏي اهو تہ مسلمان ٿي نہ رهندو بلڪ ڪافر ٿي ويندو. بيشڪ هر مسلمان قيامت تي ايمان ۽ يقين رکي ٿو پر قيامت جي متعلق پنهنجي يقين جي ڪيفيت جي

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:82۔

متعلق ٿورو غور ڪرڻ جي ضرورت آهي، قرآنِ ڪريم مسلمانن جا وصف بيان ڪندي فرمايو:

وَبِالْاٰخِرَةِهُمْ يُوْقِنُوْنَ ۝

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ اهي آخرت تي يقين رکن ٿا. (سيپارو: 1، البقرة: 4)

بيشڪ اسان قيامت تي اهڙو ئي پڪو يقين رکندا آهيون پر افسوس اهو آهي ته دنيا جي محبت اهڙي دل ۾ گهر ڪري وئي آهي جو قيامت جي يقين هئڻ جي باوجود ان يقين جي نتيجي ۾ ملندڙ ڪيفيتن ۾ گهٽتائي اچي وئي آهي نه ته ڏسو! اسان کي اهو يقين آهي ته باهه ساڙيندي آهي ۽ ان ڪان به ڪيترا پيرا وڌيڪ پڪو يقين آهي ته قيامت لازمي ايندي، ان جي باوجود ڪوبه ڪڏهن پلجي ڪري به باهه ۾ هٿ نٿو وجهي جڏهن ته گناهه جيڪي قيامت جي ڏينهن سخت نقصان جو سبب بڻجي سگهن ٿا، اهي جاٽي واٽي ڪيا ويندا آهن. معلوم ٿيو: اسان کي قيامت تي يقين ته بيشڪ آهي پر دنيا جي محبت، مال ۽ دولت جي محبت، حرص ۽ لالچ ۽ گناهن جي ڪاراڻ ان يقين جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ خوفِ خدا واري ڪيفيت کي ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي، ان جو نقصان اهو ٿيو ته اسان گناهن تي دلير ٿي وياسين، دل مان خوفِ خدا گهٽ ٿي ويو، ڪجهه نادان ته اهڙا بيباڪ به ٿيا جو انهن جو مزاج آهي: جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو ◈ ڪو نماز جي دعوت ڏئي ◈ قبر ۽ آخرت جي ياد ڏياري ◈ قبر جي تياري جو ذهن بڻائي ◈ جنت ۾ وني وڃڻ وارن عملن جي ترغيب ڏياري ◈ جهنم ۾ وني وڃڻ وارن ڪمن ڪان بچڻ جو ذهن بڻائي ته چوندا آهن: مولانا صاحب! الله پاڪ تمام گهڻو مهربان آهي، قيامت جي ڏينهن جيڪو ٿيندو ڏٺو ويندو.

الله جي پناهہ! هي سخت جهالت ۽ بيباڪي وارو جملو آهي. حقيقت ۾ ڏسڻ جو مقام قبر ۽ آخرت ناهي، ڏسڻ جو مقام تہ دنيا آهي، هتي ڏسڻو آهي تہ اسان ڇا ڪري رهيا آهيون. الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمايو:

وَلۡتَنۡظُرۡ نَفۡسٌ مَّا قَدَّمَتۡ لِغَدٍ ۚ

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ هر جان ڏسي تہ ان سڀاڻي جي لاءِ اڳتي ڇا موڪليو آهي. (سيپارو: 28، الحشر: 18)

هي قرآني حڪم هن دنيا جي لاءِ آهي، هن ئي زندگي ۾ ڏسڻو آهي تہ ◈ اسان آخرت جي لاءِ ڇا ڪري رهيا آهيون ◈ قبر جي ڪيتري تياري ٿي رهي آهي ◈ نيڪيون ڪيتريون ڪري رهيا آهيون ◈ گناهن کان بچي رهيا آهيون يا نہ، جهڙي طرح اسان هن دنيا مان ويندا سين، موت واقع ٿيندو تڏهن کان ئي ڏسڻ جو وقت ختم ۽ سزا ۽ جزا جو وقت شروع ٿي ويندو، تنهنڪري جيڪو ڏسڻو آهي، پنهنجو جائزو وٺڻو آهي، پنهنجي عملن جو محاسبو ڪرڻو آهي، هن ئي دنياوي زندگي ۾ ڪرڻو آهي.

خير! هي ڪافرن جو وصف آهي تہ اهي قيامت تي يقين ناهن رکندا، اسان مسلمان آهيون، اسان بنا شڪ قيامت کي مڃيندا آهيون، ان جو يقين رکندا آهيون پر افسوس! اسان جو ڪردار، زندگي گذارڻ جو رنگ ڍنگ اهڙو ٿيندو پيو وڃي جو ڄڻ اسان کي ڪڏهن مرڻو ئي نہ هجي، هميشہ هن ئي دنيا ۾ رهڻو هجي. حالانڪ اسان ڄاڻون ٿا تہ ائين هرگز ناهي، اسان کي مرڻو آهي، قبر ۾ هزارين سالن جو قيام آهي، پوءِ قيامت جي ڏينهن اٿڻو آهي، الله پاڪ جي پاڪ بارگاهہ ۾ پيش ٿيڻو آهي ۽ پنهنجي عملن جو حساب

ڏيٺو آهي. خدا جو قسم! بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضري جو تصور جيڪڏهن اسان جي ذهنن ۾ ويهي رهي ته اسان صحيح معنيٰ ۾ مسلمان ٿي وڃون، اسان جي اٿڻ ويهڻ، هلڻ گهمڻ، زندگي گذارڻ جو انداز بلڪل ئي بدلجي وڃي چو ته قيامت جو تصور ذهن ۾ ويهي وڃڻ سان دل نرم ٿيندي آهي، گناهن کان نفرت ٿيندي آهي ۽ نيڪين جي رغبت نصيب ٿيندي آهي، انهي ڪري بزرگانِ دين روزانو ڪجهه وقت موت ۽ قبر ۽ آخرت جي متعلق غور ۽ فڪر ڪرڻ جي نصيحت فرمائي آهي، حديثِ پاڪ ۾ اهڙي ئي فڪر جي متعلق ارشاد ٿيو: گهڙي ڪن غور ۽ فڪر ڪرڻ پوري رات قيام ڪرڻ کان بهتر آهي.

حضرت ابراهيم تيمي رَحمةُاللهِعَلَيه جي مُتَعلّق منقول آهي ته هڪ ڏينهن پاڻ تصور بڌائون ته پاڻ جهنم ۾ آهن ۽ باهه جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهن، ٿوهر (يعني زهريلو ڪنڊن وارو وڻ) کائي رهيا آهن ۽ دوزخين جي پونءِ پي رهيا آهن، ان تصور کان پوءِ خود پاڻ کان پڇيائون: ٻڌاءِ توکي ڇا گهرجي (جهنم جو عذاب يا ان کان نجات)؟ نفس چيو: (نجات گهرجي، انهي ڪري) مان چاهيان ٿو ته دنيا ۾ واپس هليو وڃان ۽ اهڙا عمل ڪريان جنهن جي ڪري مون کي دوزخ کان نجات ملي وڃي. ان کان پوءِ پاڻ اهو تصور ٻڌائون ته ڄڻ پاڻ جنت ۾ آهن، اتان جا ميوا کائي رهيا آهن، جنتي نهرن جا مشروب پي رهيا آهن، هي تصور ٻڌڻ کان پوءِ خود پاڻ کان پڇيائون: اي نفس! توکي ڪهڙي شيءِ جي خواهش آهي (جنت جي يا دوزخ جي)؟ نفس چيو: (مون کي جنت جي خواهش آهي، انهي ڪري) مان چاهيان ٿو ته دنيا ۾ وڃي نيڪ عمل ڪري اچان ته جيئن جنت جون خوب نعمتون ماڻيان. ان کان پوءِ پاڻ کي

فرمايائون: اي نفس! في الحال توکي مهلت مليل آهي (يعني اجا تون دنيا ۾ ئي آهين، نيڪ عمل ڪري جنت جي تياري ڪر).[1]

ڪچھ نیکیاں کما لے، جلد آخرت بنالے | کوئی نہیں بھروسہ اے بھائی زندگی کا(2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

اي ڪاش! اسان جي بہ قبر ۽ آخرت ۽ قيامت جي معاملن جي متعلق غور ۽ فڪر ڪرڻ جي عادت بڻجي وڃي. ڪاش! روزانو نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو ئي سهي قبرستان جي حاضري نصيب ٿئي، قبرن کي ڏسي پنهنجي موت کي ياد ڪرڻ جي توفيق ملي وڃي. هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ دل جي سختي جي شڪايت ڪئي، پياري آقا مديني واري مصطفيٰ، بنهي جهانن جي داتا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: قبرن کي ڏسي حشر جي ڏينهن اٿڻ جي متعلق غور ۽ فڪر ڪندو ڪر.[3]

معلوم ٿيو: قبرستان وڃڻ ۽ اتي فضول ڪمن ۾ مصروف ٿيڻ جي بجاءِ آخرت جي معاملي ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ دل کي نرم ڪندو ۽ گناهن کان نفرت ڏياريندو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي دين ۽ شريعت جي تعليمات تي عمل ڪرڻ وارو ۽ سنتن جو پيروڪار بڻائي ۽ هر وقت بارگاهہ الٰهي ۾ حاضري جو تصور ڪندو رهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

[1]...حلية الاولياء، يزيد بن شريک التيمی، جلد:4، صفحہ:235، رقم:3561۔

[2]...وسائل بخشش، صفحہ:178۔

[3]...اَرْبَعِيْنِيّات لِابْنِ کمال پاشا، صفحہ:69۔

## ليلةُ الجائِزه (چنڊ رات) ۾ عبادت جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! هاءِ...!! ماهِ رمضان اسان کان جدا ٿي رهيو آهي، ماهِ ذيشان اسان کي ڇڏي وڃي رهيو آهي، هن مبارڪ مهيني جي هر گهڙي ئي رحمت ڀري آهي، اللہ پاڪ جتي اسان کي ليلةُ الْقدر جهڙي عظيم رات عطا ڪئي اتي هن مبارڪ مهيني کان فوراً بعد ليلةُ الجائِزه يعني انعام جي رات بہ عطا فرمائي آهي ◈هن رات اللہ پاڪ پنهنجي رحمتن جو نزول فرمائيندو آهي ◈هي مغفرت جي رات آهي ◈هي رات پنهنجي ربّ جي عبادت ڪرڻ جي رات آهي جو جيڪو ٻانهو هن رات اللہ پاڪ جي عبادت ڪندو آهي اللہ پاڪ ان تي جنت کي واجب ڪري ڇڏيندو آهي.[1] ◈ جيڪو ٻانهو هن رات کي اللہ پاڪ جي عبادت ۾ گذاريندو اللہ پاڪ ان جي دل مرده نہ فرمائيندو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن عيدين (يعني عيد الفطر ۽ عيد الاضحیٰ) جي رات طلبِ ثواب جي لاءِ قيام ڪيو، ان ڏينهن ان جي دل نہ مرندي، جنهن ڏينهن (ماڻهن جون) دليون مري وينديون.[2] ◈ تمام عاشقانِ رسول خاص طور اعتڪاف ڪرڻ وارن کي گهرجي تہ هي رات مسجدن ۾ اللہ پاڪ جي عبادت ۾ گذارين جو حضرت ابراهيم نَخَعي رَحمةُاللہِعَلَيْه فرمائن ٿا: بزرگانِ دين رَحمةُاللہِ عَلَيْهِم اعتڪاف ڪرڻ واري جي لاءِ هن ڳالهہ کي پسند فرمائيندا هئا تہ عيدالفطر جي رات مسجد ۾ ئي گذارين.[3]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...الترغيب و الترهيب، كتاب العيدين، الترغيب فی احياء ليلتی العيدين، صفحه:373، حديث:2۔

[2]...ابن ماجه، كتاب الصيام، باب فيمن قام فی ليلتی العيدين، صفحه:284، حديث:1782۔

[3]... فيضان رمضان،صفحه:279، 280۔

## اسلامڪ اي بڪ لائبريري (Islamic eBooks Library)

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! ڪتاب انسان جا بهترين دوست آهن ۽ هي انسان جي شخصيت جي تعمير ۽ اخلاقي نشونما ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪتاب اسلامي ۽ روحاني هجن ته اهي اجا وڌيڪ قيمتي ٿي ويندا آهن. دعوتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊيپارٽمينٽ هڪ ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي. جنهن جو نالو آهي: اِسلامڪ اِي بُڪس لائبريري (Islamic eBooks Library) ◈ جنهن تي اردو، انگريزي ۽ ٻين ڪيترين ئي ٻولين ۾ هزارين اسلامي ڪتاب فري ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا◈هن ايپليڪيشن ۾ ڪيترن ئي مصنفن جا ڪتاب آهن◈ايپلي ڪيشن ۾ ڪتاب کي مصنفن جي اعتبار سان ۽ ڪتاب جي عنوانن سان به سرچ ڪري سگهجي ٿو◈ هن ايپلي ڪيشن ۾ ڪتابن کي ڊائون لوڊ ڪري انهن کي آف لائن پڙهڻ جي لاءِ پي ڊي ايف جي ذاتي لائبريري ۾ محفوظ به ڪري سگهجي ٿو ۽◈پنهنجي پسنديده ڪتابن کي (Favorite) ڪتابن جي الڳ فهرست ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو◈هن ايپلي ڪيشن جي تمام وڏي خصوصيت اها به آهي ته جيڪي افراد ڪتاب پڙهي نٿا سگهن يا پڙهڻ جو وقت ناهي اهي هن ايپلي ڪيشن جي ذريعي ڪتابن کي آڊيو ۾ ٻڌي به سگهن ٿا◈ هن ايپلي ڪيشن کي توهان فيس بڪ، ٽوئيٽر ۽ واٽس ايپ جهڙن مختلف پليٽ فارمز تي دوستن سان شيئر ڪري سگهو ٿا.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**بيان کي اختتام جي طرف آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:**

## درست ڇا آهي؟

### (درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ مشهور غلط مسئلي جي نشاندهي)

**مسئلو:** وُضو ڪان بعد ڪپڙا تبديل ڪرڻ سان وُضو ناهي ڀڄندو.

**وضاحت:** عوام ۾ مشهور آهي تہ ڪپڙا تبديل ڪريو يا اوگهڙ ڪلي وڃي تہ وُضو ڀڄي پوندو آهي. ائين ناهي. وُضو ڪان بعد ڪپڙا لاهڻ سان وُضو ناهي ڀڄندو ۽ نہ ستر کلڻ سان وُضو ڀڄندو آهي ◈ البت بنا وجه اوگهڙ کولڻ جو ماڻهن جي نظر پوي گناهہ آهي، مرد جي لاءِ دُن ڪان وٺي گوڏي جي هيٺ تائين سڄو جسم اوگهڙ آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَسْمَاءُ الْحُسْنٰي جون برڪتون (وظيفو)

### يَا مُقْتَدِرُ

جيڪو بہ روزانو 20 ڀيرا يَا مُقْتَدِرُ پڙهي وٺندو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيم! رحمتن جي ڇانو ۾ رهندو.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1]...ڪنزالعمال،ڪتاب الصلوٰة ، الفصل الاول، جلد:7، صفحہ:134،حديث:19097۔

[2]...مدنی پنج سوره، صفحہ:255۔